ذوالقعدہ/ذوالحجہ 1445ھ/جون 2024ء

# ماہنامہ فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن

# دَارُالْاِفْتَاء اَهلِسُنّت

مفتي فضيل رضا عطاري



## (1) گردو عطيو ڪرڻ جي وصيت ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن بابت ته جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي حياتيءَ ۾ هيءَ وصيت ڪري وڃي ته منهنجو گردو عطيو ڪري ڇڏجان، ته ان جو اها وصيت ڪرڻ ڪيئن آهي؟ ۽ جيڪڏهن ڪنهن وصيت نه ڪئي هجي بغير وصيت ئي جي ان مرحوم جا وارث ان جي مرڻ کان پوءِ ان جي جسماني عضون مان ڪو عضوو مثال طور اک يا گردو ڪنهن کي عطيو ڪن ته انهن جو ائين ڪرڻ ڪيئن آهي؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

سڀ کان پهرين اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته وصيت ان شيءِ بابت ڪري سگهجي ٿي جنهن جو انسان پاڻ مالڪ هجي ۽ اها شيءِ قابلِ تَمليڪ به هجي (يعني ڪنهن ٻئي کي ان جو مالڪ بڻائي سگهجندو هجي) ۽ انساني عضوا نه ته مال آهن ۽ نه ئي ملڪيت جا محل آهن، تنهنڪري ٻئي ڪنهن کي انهن عضون جو مالڪ نٿو بڻائي سگهجي. پڻ انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ۽ مرڻ کان بعد به پنهنجي تمام اجزاء سان احترام جي قابل آهي، تنهنڪري ان جي ڪنهن عضو کي ڪڍي ڪري ان کي استعمال ۾ آڻڻ ۽ ان مان ڪنهن به قسم جو نفعو وٺڻ ناجائز ۽ حرام آهي.

لهذا جيڪڏهن ڪنهن شخص پنهنجي حياتيءَ ۾ وصيت ڪئي ته ان جي مرڻ کان

پوءِ سندس گردو يا جسم جو ڪو عضوو عطيو ڪيو وڃي ته ان جو اها وصيت ڪرڻ ۽ وارثن لاءِ اها وصيت نافذ ڪرڻ شرعي طور ناجائز آهي، جيڪڏهن وارثن اها وصيت نافذ ڪئي يا بغير وصيت جي پاڻ ئي ان جا عضوا ڪنهن کي عطيو ڪيا ته اهي سخت گنهگار ٿيندا.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (2) احرام جي نيت ڪئي پر تلبيه چوڻ وسري ويو؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن بابت ته ڪنهن شخص پاڪستان کان مڪي شريف ويندي ميقات کان احرام جي نيت ڪئي هئي پر ان وقت تلبيه چوڻ وسري ويو ۽ ميقات ۾ داخل ٿي ويو پوءِ داخل ٿيڻ کان بعد مسجد عائشه کان ئي احرام جي نيت ڪئي ۽ تلبيه چئي ڪري عمرو ڪري ورتو ته ان جو حڪم ڇا آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ نيت سان گڏ جيڪڏهن ان شخص تلبيه کان سواءِ ڪو ٻيو اهڙو ذڪرِالٰهي به نه ڪيو جنهن ۾ الله پاڪ جي تعظيم هجي (مثلاً سبحٰن الله وغيره) ته ان تي دم ڏيڻ واجب آهي، ڇاڪاڻ ته احرام ۾ داخل ٿيڻ لاءِ احرام جي نيت ۽ تلبيه چوڻ يا اهڙو ذڪر ڪرڻ جنهن ۾ الله تعالىٰ جي تعظيم هجي (مثال طور سبحٰن الله والحمد لله وغيره) ضروري آهي، مٿي ذڪر ڪيل صورت ۾ اهو شخص تلبيه چوڻ وساري وينو ۽ تعظيمِ الٰهي وارو ڪو ذڪر به ان نه ڪيو تنهنڪري اهو محرم نه ٿيو، ائين بغير احرام جي ميقات ۾ داخل ٿيڻ جي سبب ان تي حج يا عمرو ۽ دم واجب ٿيو. هن صورت ۾ ان تي لازم هو ته عمرو شريف ڪرڻ کان اڳ ڪنهن آفاقي ميقات (مثال طور طائف يا مديني شريف جي ميقات) تي وڃي ڪري پيهر احرام جي نيت ڪري ها، ۽ گڏو گڏ تلبيه به چئي ڪري احرام ٻڌي ها ۽ عمرو ادا ڪري ها، جيڪڏهن اهو ائين ڪري ها ته دم ساقط ٿي وڃي ها پر ان حل کان احرام جي نيت ۽ تلبيه چئي ڪري عمرو ادا ڪري ورتو ته ان صورت ۾ ان تي دم ڏيڻ ته لازم ۽ متعين ٿي ويو پر انهيءَ سال عمرو ڪرڻ سان ان تي لازم اچڻ وارو عمرو ادا ٿي ويو جيتوڻيڪ ڪيس خاص ان واجب ٿيڻ واري عمري جي نيت نه ڪئي هجي جو اصل مقصد ان خطي مبارڪ جي تعظيم آهي جيڪا ڪنهن به قسم جي حج يا عمري سان حاصل ٿي ويندي آهي چاهي حل کان ئي احرام چو نه ٻڌو هجي جو آفاقي ميقات کان احرام ٻڌڻ جيڪو واجب هو ان جي تلافي دم ڏيڻ سان پوري ٿي ويندي.

تنبيه! پڇيل صورت ۾ جيڪڏهن ڪو شخص هن سال ڪنهن به قسم جو حج يا عمرو ادا نه ڪري ته آئنده سال خاص ان(ميقات کان بغير احرام جي گذرڻ سبب لازم ٿيڻ واري) حج يا عمري جي ادائيگي جي نيت سان حج يا عمرو ڪرڻ لازم ٿيندو، هاڻي هي لازم اچڻ وارو حج يا عمرو ڪنهن ٻئي حج يا عمري جي ضمن ۾ ادا نه ٿيندو چو ته سال گذرڻ جي سبب هي عمرو يا حج

قضا طور ان تي لازم ٿي ويو آهي ۽ قضا جي ادائيگي ۾ نيت جو تعين ڪرڻ ضروري آهي پڻ هن صورت ۾ به قضا حج يا عمري جي ادائيگي جي لاءِ جيڪڏهن هي شخص حل ۾ آهي ته حل کان، مڪي ۾ آهي ته عمري جو احرام حل کان جڏهن ته حج جو احرام حرم کان ٻڌڻ ان ڪي ڪافي ٿيندو.

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3) طواف کان پوءِ ٻه رڪعتون پڙهڻ بغير ٻيو طواف ڪرڻ؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي بابت ته طواف کان بعد ٻه رڪعتون پڙهڻ بغير ٻيو طواف ڪرڻ جو ڪهڙو حڪم آهي؟ پڻ جيڪڏهن ڪنهن ائين ڪيو ته ڇا ان تي دم يا ڪفارو لازم ٿيندو؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

طواف ڪرڻ کان پوءِ ٻه رڪعتون ادا ڪرڻ واجب آهي، جيڪڏهن وقت مڪروه نه هجي ته طواف ۽ انهن ٻن رڪعتن جي وچ ۾ موالات(يعني ٻن رڪعتن جو طواف جي فوراً بعد ادا هئڻ) سنت آهي. تنهنڪري مڪروهه اوقات کان علاوه هڪ طواف جون رڪعتون ادا ڪرڻ بغير ٻيو طواف ڪرڻ مڪروهه ۽ سنت جي خلاف آهي ڇو ته ان کان طواف ۽ ٻن رڪعتن جي درميان موالات جي سنت جو ترڪ ڪرڻ لازم ايندو البت ان جي سبب ڪو دم يا ڪفارو لازم نه ايندو، ها جيڪڏهن مڪروهه وقت هجي ته بغير ٻه رڪعتون پڙهندي ٻيو طواف ڪرڻ بغير ڪراهت جائز آهي.

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (4) جمعي جي نماز ۾ سجدهءِ سهو ڪرڻ جو حڪم؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي بابت ته هن مسئلي جي ته خبر آهي ته جمعي ۽ عيدين ۾ جڏهن جماعت وڏي هجي ته سهو هئڻ جي صورت ۾ سجدهءِ سهو ترڪ ڪرڻ جو حڪم آهي؟ پڇڻو اهو آهي ته هن صورت ۾ جيڪڏهن سجدهءِ سهو ڪري ورتو، ته ڪهڙو حڪم آهي؟ نماز صحيح ٿيندي يا نه؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

جمعي ۽ عيد جي موقعي تي جڏهن جماعت گهڻي هجي ته سهو هئڻ جي صورت ۾ متاخرين فقهاءِ ڪرام جي ويجهو مختار اهو آهي ته سجدهءِ سهو نه ڪيو وڃي پر ان مان مراد اهو ناهي ته سجدهءِ سهو ڪرڻ ئي ناجائز آهي بلڪ مراد اهو آهي ته نه ڪرڻ بهتر آهي تنهنڪري جمعي يا عيدين ۾ مجمعو وڏيڪ هئڻ جي صورت ۾ سجدهءِ سهو ڪري ورتو، ته جيتوڻيڪ اهو بهتر ناهي پر ان کان نماز ۾ ڪو حرج واقع نه ٿيندو، بلڪ نماز جائز ۽ درست ٿيندي.

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

## (1) هڪ سال جي ٻڪر جا ڏند لڏي رهيا هجن ته؟

سوال: ٻڪر هڪ سال جو ٿي ويو آهي پر ان جا ڏند لڏي رهيا آهن ٽُٽا ناهن ته ڇا ان جي قرباني ٿي ويندي؟

جواب: جيڪڏهن يقيني معلوم آهي ته ٻڪر هڪ سال جو ٿي ويو آهي ته 2 ڏند نه به نڪتا ته قرباني ٿي ويندي جيتوڻيڪ ٻڪر جا ڏند لڏي رهيا هجن، قرباني ٿي ويندي البت بهتر اهو ئي آهي ته قرباني جي جانور ۾ ڪو ننڍو عيب به نه هجي.

(مدنی مذاکرہ، 1ذوالحجہ شریف 1444ھ)

## (2) "سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَه" جي جڳهه تي "اللهُ اکبر" چئي ڇڏيو ته؟

سوال: جيڪڏهن ڪو شخص نماز ۾ رڪوع کان اٿندي "سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَه" جي جڳهه تي "اللّٰهُ اکبر" چئي ته ڇا اُن تي سجدهءِ سهو لازم ٿيندو؟

جواب: نه سجدو سهو لازم نه ٿيندو، نماز ٿي ويندي. (مدنی مذاکرہ، 20شوال شریف 1444ھ)

## (3) ڪجهه نمازن ۾ بلند ۽ ڪجهه ۾ آهسته آواز سان قراءت ڪرڻ جو سبب

سوال: فجر مغرب ۽ عشاء جي جماعت ۾ وڏي آواز سان قراءت ٿيندي آهي، ظهر ۽ عصر جي جماعت ۾ وڏي آواز سان قراءت ناهي ٿيندي ان جي ڇا حڪمت آهي؟

جواب: اسلام جي ابتداء ۾ غير مسلمن جو غلبو هو ته هُو قرآن ڪريم ٻڌي ڪري الله پاڪ، جبريل اَمين ۽ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ بکواس ڪندا هئا، ظهر ۽ عصر جي وقتن ۾ غيرمسلم آواره گهمندا هئا، مغرب جي وقت کاڌي ۾ مشغول هوندا هئا، عشا ۾ سمهي رهندا هئا ۽ فجر ۾ جاڳندا نه هئا، انهيءَ ڪري ظهر ۽ عصر ۾ آهسته قراءت جو حڪم ٿيو، (مدنی مذاکرہ، 1ذوالحجہ شریف 1444ھ)

## (4) ڪو سلام جو جواب نه ڏي ته ڇا ڪيون؟

سوال: جيڪڏهن ڪو سلام جو جواب نه ڏي ته ڇا ڪيون؟

جواب: نيڪي جي دعوت ڏيو، ان کي سمجهايو، سلام جا فضائل ٻڌايو ۽ سلام جو جواب ڏيڻ جو طريقو سيکاريو.

(مدنی مذاکرہ، 24محرم شریف 1442ھ)

## (5) قبر تي اَذان ڏيڻ جو وقت

سوال: قبر تي اَذان ڪهڙي وقت ڏيون؟ ماڻهو چوندا آهن ته جڏهن سيئي هليا وڃن اُن وقت اَذان ڏيڻ گهرجي.

جواب: ڪتابن ۾ ميّت کي دفن ڪرڻ کان پوءِ اَذان ڏيڻ لکيل آهي. (ديکھئے:فتاویٰ رضویہ، 654/5) ايئن ڪٿي پڙهيو ناهي ته سيني ماڻهن جي وڃڻ کان پوءِ اَذان ڏني وڃي.

## (6) مغز کائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا مغز کائڻ جائز آهي حالانڪ هن ۾ رت جون سنهيون رڳون به موجود هونديون آهن؟

جواب: حلال جانور جو مغز کائڻ حلال آهي، مغز ۾ موجود رت جون سنهيون رڳون کائڻ ۾ حرج ناهي، رت جون سنهيون رڳون مرغيءَ جي ڄنگهن، ڪنڌ ۽ پرن ۾، وڏي جانور جي ڪنڌ ۽ گوشت جي مخصوص ٻوٽين ۾ به هي رڳون موجود هونديون آهن. انهن کي کائڻ جائز آهي. (مدنی مذاکرہ، 9ربیع الاول شریف 1442ھ)

## (7) نوح جي ٻيڙي ۾ سوار ٿيڻ وارو پهريون پکي

سوال: حضرت سيّدُنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام ڪشتي(ٻيڙي) ۾ سيني کان پهريان ڪهڙو پکي رکيو هو؟

جواب: حضرت سيّدُنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام ڪشتي(ٻيڙي) ۾ سيني کان پهريان طوطي کي سوار ڪيو هو. (تفسيرخازن، پ12، هود، تحت الآية: 40، 352/2-مدنی مذاکرہ، 24محرم شریف 1442ھ)

## (8) اميرءِ غريب کي الڳ الڳ ريٽ ٻڌائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا دڪاندار جو امير ۽ غريب گراهڪ کي شيءِ جو الڳ الڳ ريٽ ٻڌائڻ صحيح آهي؟

جواب: الڳ الڳ ريٽ ٻڌائڻ ۾ حرج ناهي. البته ڌوڪو نه ڏنو وڃي (۽ ڪوڙ نه ڳالهايو وڃي).(مدنی مذاکرہ، 2صفر شریف 1442ھ)

## (9) عورتن جو نعلِ پاڪ جو نقش لڳائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا عورتون نعلِ پاڪ جو نقش سجائي سگهن ٿيون؟

جواب: عورتون به پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪنديون آهن. جيڪڏهن چاهين ته بيشڪ نعلِ پاڪ جو نقش سجائين، پر هي سلسلو گهر ۾، محارم جي سامهون يا عورتن جي وچ ۾ هجي ته صحيح آهي، چوته جيڪڏهن عورت نعلِ پاڪ جو نقش ظاهري لباس تي سجائي ڪري ٻاهر نڪرندي ته خراب ذهن جي مردن کي Attraction (ڪشش پيدا) ٿيندي جنهن جي ڪري هُو گهوري ڏسندا ۽ ايئن خرابين ۽ بربادين جو سامان ٿيندو.
(مدنی مذاکرہ، 30صفر شریف 1442ھ)

## (10) بنا تصوير جي خالي فوٽو وارو فريم وڪڻڻ ڪيئن؟

سوال: مان Gift items (يعني تحفا ڏيڻ واريون شيون) وڪڻندو آهيان، منهنجي دُڪان ۾ Photo frames (يعني تصوير لڳائڻ وارا فريم) بہ هوندا آهن جن ۾ تصوير ناهي هوندي، ڇا اهڙي طرح جا فوٽو فريم وڪڻڻ جائز آهن؟

جواب: خالي فريم وڪڻڻ ۾ ڪو حرج ناهي، هاڻي ڇاهي خريدار مڪي مديني شريف جي تصوير لڳائي يا ڪنهن جاندار، مثلاً پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي تصوير لڳائي(ناجائز ڪم جو وبال خريدڻ واري تي هوندو.)

(مدنی مذاکرہ، 23صفر شریف 1442ھ)

## (11) نادِ علي پڙهڻ ڪيئن؟

سوال: ”نادِ علي“ ڇا آهي؟ پڻ ڇا ”نادِ علي“ پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: بلڪل پڙهي سگهون ٿا. ”نادِ علي“ [1] پڙهڻ جا فائده ڪتابن ۾ لکيل آهن، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ ”نادِعلي“ جو ذڪر فرمايو آهي.

(مدنی مذاکرہ، 9صفر شریف 1442ھ)

## (12) ڇا دماغي يا جسماني طور تي ڪمزور ٻار عذابِ الٰهي هوندا آهن؟

سوال: ڇا دماغي يا جسماني طور تي ڪمزور پيدا ٿيڻ وارا ٻار والدين جي لاءِ الله پاڪ جي طرفان عذاب يا آزمائش هوندا آهن؟

جواب: مَعَاذَاللّٰه! هن کي عذاب طئي ڪرڻ صحيح ناهي. البت اهڙا ٻار والدين جي لاءِ آزمائش ضرور هوندا آهن. والدين اهڙن ٻارن جي خدمت ڪندا ۽ صبر کان ڪم وٺندا تہ انهن کي اجر و ثواب حاصل ٿيندو. والدين کي گهرجي تہ الله پاڪ سان رحمت جي دُعا ڪن. اهڙن ٻارن کي عذاب نہ چيو وڃي.

(مدنی مذاکرہ، 23صفر شریف 1442ھ)

---

1 نَادِ عَلِيًّا مَظْهَرَ الْعَجَائِبِ تَجِدْهُ عَوْناً لَكَ فِي النَّوَائِبِ كُلُّ هَمٍّ وَّ غَمٍّ سَيَنْجَلِيْ بِوِلَايَتِكَ يَاعَلِيُّ يَاعَلِيُّ يَاعَلِيُّ۔ (فتاویٰ رضویہ، 822/9)

# ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! فرمايو: انسان سڀ کان پهريون تحفو پنهنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آهي تنهنڪري سندس گهرجي ته ان جو سٺو نالو رکي. (جمع الجواع، 285/3، حديث: 8875) هتي ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا، انهن جي معنيٰ ۽ نسبتون پيش ڪيون ٿيون وڃن.

## ٻارن جا 3 نالا

| نالو | پڪارڻ جي لاءِ | معنٰي | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | عَبۡدُ الۡمتين | قوت واري جو ٻانهو | الله پاڪ جي صفاتي نالي جي طرف لفظِ عبد جي اضافت سان. |
| محمد | اعظم | بَرتر | سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو صفاتي نالو |
| محمد | صالح | نيڪ، باعمل | الله پاڪ جي نبي عَلَيۡهِ السَّلَام جو نالو |

## ٻارڙين جا 3 نالا

| | | |
|---|---|---|
| زهراء | روشن ۽ سفيد چهري واري | سيدتنا فاطمه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جو لقب |
| طاهِره | پاڪ | ام المؤمنين سيدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جو لقب |
| عطيّه | انعام ڏنل شيءِ | سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جي صحابيه جو نالو مبارڪ. |

(جن وٽ پٽ يا ڌيءُ جي ولادت ٿئي اهي چاهن ته هنن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو هڪ نالو رکن.)



سلسلو: اڇو ٻارو حديثِ رسول ٻڌون ٿا

# جنتي جانور، ٻڪري جنتي جانور

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَكْرِمُوا الْمَعزَى وَامْسَحُوا رَغَامَها عَنْهَا فَإِنَّهَا من دَوَابِّ الْجَنَّةِ يعني ٻڪري جي عزت ڪريو ان تان مٽي ڇنڊيو، ڇو ته هي جنتي جانور آهي. (مجمع الزوائد، 113/4، حديث: 6253)

هتي ٻڪري مان مراد ٻڪري جي پوري جنس(يعني ڇيلو، ٻڪري، رڍ، گهيٽو وغيره) آهي. ٻڪري کي جنتي جانور چوڻ جو سبب اهو آهي ته اها جنت کان زمين تي آئي آهي يا قيامت کان بعد جنت ۾ ويندي. ( التيسر بشرح جامع الصغير، 203/1)

الله پاڪ تمام گهڻي مخلوق پيدا فرمائي آهي، هر هڪ جي پنهنجي اهميت ۽ فائدا آهن، انهن مان هڪ ٻڪري به آهي ٻڪري نهايت ئي هڪ پيارو جانور آهي، ننڍا وڏا سڀ ان سان پيار ڪندا آهن.

پيارا ٻارو! قرباني واري عيد تي اسان الله جي حڪم سان قرباني ڪندا آهيون. قرباني ۾ ٻين جانورن وانگر ٻڪري کي به الله جي راهه ۾ قربان ڪيو ويندو آهي. هن موقعي تي اڪثر ٻار قرباني جي جانورن کي گهمائيندا ڦرائيندا آهن.

پر ڪي ٻار جانورن کي ايذاءُ به ڏيندا آهن، انهن کي تمام گهڻو ڀڄائيندا آهن، وڏن جانورن جي نڪ ۾ وڌل نٿ کي بغير ضرورت جي بار بار ڇڪيندا آهن ۽ هن طرح جا ٻيا به ڪيترائي ڪم ڪندا آهن جن سان جانورن کي تڪليف ٿيندي آهي.

پيارا ٻارو! ٻڪري هجي يا ڪو ٻيو جانور، ان کي هرگز تڪليف نه ڏيو، وڌ کان وڌ ان کي راحت پهچايو، ٻڪري جي حوالي سان ته شروع ۾ لکيل حديث پاڪ ۾ ان کان پيار سان پيش اچڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. تنهنڪري اوهان به هن حديث پاڪ تي عمل جي نيت سان ٻڪري جي عزت ڪيو، ان کي تڪليف کان بچايو ۽ حديث پاڪ جون برڪتون حاصل ڪيو.

الله پاڪ اسان کي حديث مبارڪ پڙهي ڪري عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين



# مديني شريف جي تاريخ

(قسط:01)

مولانا محمد آصف اقبال عطاري مدني

کنهن شهر جون خوبيون ان کي ٻئي شهرن کان ممتاز ۽ منفرد بڻائينديون آهن، مديني شريف کي به الله پاڪ کوڙ اهڙيون خوبيون عطا ڪيون آهن جن جي بدولت هي شهرِ محبت دنيا جي باقي تمام شهرن ۽ ڳوٺن کان الڳ شان ۽ شوڪت جو حامل بڻجي ويو، هتي ڪجهه خوبيون ذڪر ڪجن ٿيون:

(1) مديني شريف جي زمين کي هي سعادت حاصل آهي ته سڀني مخلوق کان افضل هستي حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، افضل البشر بعد الانبياء سيدنا صديق اڪبر، سيّدنا فاروق اعظم ۽ ڪثير صحابہ ڪرام ۽ جليل القدر تابعينِ عظام جي تخليق هن شهر جي پاڪيزه مٽي مان ڪئي وئي آهي، هن شهر کي افضل الخلق حبيبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدفن ٿيڻ جو اعزاز ۽ شرف حاصل آهي.

رسول پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ قبر وٽ رکيل جنازي وٽان گذريا ته پڇيائون: هي قبر ڪنهن جي آهي؟ صحابہ ڪرام رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهم عرض ڪيو: يارسول الله! هي فلاڻي حبشي جي آهي. رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سِيقَ مِنْ اَرْضِهِ وَسَمَائِهِ اِلَى تُرْبَتِهِ الَّتِى خُلِقَ مِنْهَا ترجمو: الله پاڪ کانسواءِ ڪو معبود ناهي، ان شخص کي هن جي زمين ۽ آسمان کان اُن مٽي جي طرف آندو ويو جنهن سان ان جي تخليق ڪئي وئي.[1]

۽ حضرت عبدالله بن عباس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهما فرمايو: يُدْفَنُ كُلُّ اِنْسَانٍ فِى التُّرْبَةِ الَّتِى خُلِقَ مِنْهَا يعني هر انسان کي ان مٽي ۾ دفن ڪيو ويندو آهي جنهن مان اهو پيدا ڪيو ويو آهي.[2]

(2) مدينو پاڪ رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هجرت گاهه ۽ زمين ۾ سندن رهائش آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْمَدِيْنَةُ مُهَاجِرِى وَمَضْجَعِى فِى الْاَرْضِ ترجمو: مدينو شريف منهنجي هجرت گاهه آهي ۽ زمين ۾ منهنجو ٺڪاڻو آهي.[3]

(3) مدينو شريف رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبوب ترين جڳهه آهي. سندن ارشاد

1 (مستدرک، 696/1، حديث:1396)

2 (مصنف عبدالرزاق،515/3،حديث:6531)

3 (معجم ڪبير، 205/20، حديث:470)

گرامي آهي: لَا يُقْبَضُ النَّبِيُّ اِلَّا فِى اَحَبِّ الْاَمْكِنَةِ اِلَيْهِ

ترجمو: نبي جو وصال ان جي محبوب ترين جڳهہ ۾ ٿي ٿيندو آهي.[4]

(4) محشر جي ڏينهن مديني شريف جي زمين سيني کان پهريان شق ٿيندي، حديث شريف جي مطابق سيني کان پهريان اولين ۽ آخرين جا سردار نبي مڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ زمين مان ٻاهر تشريف کڻي ايندا، پوءِ سيدنا ابوبڪر صديق، ان کان پوءِ سيدنا عمر فاروق، پوءِ اهلِ بقيع ۽ انهن کان پوءِ مڪي شريف وارا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم.[5]

## مدينو شريف ڪڏهن کان آباد ٿيو؟

علامہ سمهودي جي تحقيق جي مطابق حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي طوفان کان بعد سيني کان پهريان هيءَ ٿي بستي آباد ٿي.[6] هن سرزمين تي سيني کان پهريان آباد ٿيڻ واري قوم عمالقہ يا عماليق هئي. هي ماڻهو عملاق بن ارفخشد بن سام بن نوح جي اولاد مان هئا، انهن ٿي الله پاڪ جي الهام سان عربي زبان ايجاد ڪئي، سيني کان پهريان هن زمين تي زراعت ڪئي ۽ کجور جا وڻ لڳايا.[7] انهن کان پوءِ بني اسرائيل جي هڪ جماعت هتي آباد ٿي،[8] هي حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان هئي ۽ ڪجهہ ٻيا يهودي سندن اطراف خيبر وغيره ۾ رهڻ لڳا، اڪثر يهودين جي قبيلن جي رهائش مديني شريف جي اطراف ۾ هئي. هي ماڻهو قباء مسجد جي مٿاهين حصي ۽ ان جي اطراف ۾ رهندا هئا.[9] پوءِ عمربن عامر(ماءالسماء) نالي شخص پنهنجي اولاد سميت سبا(يمن ملڪ) ڇڏي ڏنو، ان جا 13 جوڪرا مختلف شهرن ۾ آباد ٿيا جن مان ثعلبہ بن عمرو سرزمين حجاز کي پسند ڪيو، اهو ئي شخص انصاري قبيلن اوس ۽ خزرج جو وارث بڻيو، ڪيس ڪثير تعداد ۾ اولاد ٿي تہ انهن مديني شريف جي طرف رُخ ڪيو ۽ هتي رهائش اختيار ڪئي.[10]

يهودي قبيلن بنو قريظہ ۽ بنو نضير انهن تي ظلم ۽ ستم بہ ڪيا، بعد ۾ انهن جي سازشين جي سبب اوس ۽ خزرج جي وچ ۾هڪ تاريخي جنگ ڀڙڪي پئي جيڪا 120 سال تائين جاري رهي. الله پاڪ نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ اسلام جي برڪت سان ان جنگ کي ختم فرمائي ڇڏيو جنهن جو ذڪر سورت آل عمران جي آيت نمبر 103 ۾ آهي.[11]

---

4 (مسند ابى يعلى، 39/1، حديث:41)

5 (ترمذى،388/5،حديث:3712)

6 (مدينة الرسول، ص52)

7 (وفاء الوفاء،156/1، 157-مدينة الرسول، ص52-جذب القلوب مترجم،ص63)

8 (وفاء الوفاء، 157/1-محبوب مدينہ، ص553)

9 (خلاصة الوفاء،523/1-جذب القلوب مترجم،صفحہ66، 67)

10 (وفاء الوفاء، 172/1-جذب القلوب مترجم،ص69، 70)

11 (خلاصة الوفاء،576/1، 580- جذب القلوب مترجم،ص71)

## مديني شريف جا نالا

ڪنهن ذات، جڳهه يا شيءِ جا ڪوڙ سارا نالا هجن ته هي ان جي اهميت ۽ فضيلت ۽ بلندي ۽ عظمت جي دليل هوندي آهي، جيئن ته اسان ڏسون ٿا ته الله پاڪ جا پيارا نالا، رسول پاڪ جا خوبصورت ۽ قرآن ڪريم جا بابرڪت نالا تمام گهڻا آهن. ايئن ئي مديني شريف جا به ڪوڙ سارا پيارا نالا ۽ شاندار لقب آهن، هن عظمت واري شهر جا ڪم و بيش 100 نالا ۽ القاب شمار ڪيا ويا آهن، روئي زمين تي اهڙو ڪو شهر ناهي جنهن جا ايترا نالا هجن، ڪجهه هتي بيان ڪجن ٿا:

(1) طابه (2) طَيبَه (3) طَيّبه (4) طايبه: هي نالا حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻا پسند ۽ نهايت پيارا آهن، انهن جي معنيٰ پاڪيزه، پاڪ ۽ خوشبودار آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ اللهَ اَمَرَنِي اَنْ اُسَمِّيَ الْمَدِيْنَةَ طَيْبَةَ يعني الله پاڪ مون کي حڪم ڏنو ته مان مديني جو نالو طيّبه رکان.[12] ۽ هڪ حديث پاڪ هيئن آهي: اِنَّ اللهَ تَعَالٰى سَمَّى الْمَدِيْنَةَ طَابَةَ ترجمو: بيشڪ الله پاڪ مديني جو نالو طابه رکيو آهي.[13] تورات شريف ۾ به مديني شريف جا هي نالا مذڪور آهن.[14] (5) ارض الله (6) ارض الهجرة: انهن نالن جو ذڪر قرآن پاڪ جي سورة النساء جي آيت نمبر 97 ۾ آهي: (7) ايمان: سورة الحشر جي آيت نمبر 9 ۾ ان کي ايمان چيو ويو آهي ۽ هي پاڪيزه شهر ايمان جي احڪام کي ظاهر ڪرڻ وارو آهي پڻ ايمان جو سرچشمو آهي.[15] (8) بيت رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: هي نالو حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري نسبت جي ڪري آهي. (9) حبيبه و محبوبه: هي به پيارو نالو آهي، رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا ڪئي: اَللّٰهُمَّ حَبِّبْ اِلَيْنَا الْمَدِيْنَةَ كَحُبِّنَا مَكَّةَ اَوْ اَشَدَّ ترجمو: اي الله پاڪ! اسان جي لاءِ مدينو اهڙو محبوب بڻاءِ جهڙو اسان جي لاءِ مڪو شريف محبوب بڻايو آهي يا ان کان به وڌيڪ[16]

(10) حرم رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: هن نالي جو حديثن ۾ ذڪر آيو آهي. ارشاد فرمايائون: المدينة حرم ترجمو: مدينو شريف حرم آهي (يعني عزت ۽ احترام وارو شهر آهي).[17]

(11) حسنه: ڇوته هن شهر ۾ باطني ۽ ظاهري خوبصورتي ڪمال درجي جي پاتي وڃي ٿي، باطني هي جو هتي حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، اهل بيت اطهار ۽ صحابه ڪرام جو وجود آهي ۽ ظاهري هي ته باغات، چشما، ڪوهه، بلند و بالا جبل، ڪشاده فضائون

---

12 (معجم ڪبير، 236/2، حديث: 1987)

13 (مسلم،ص550،حديث:3357)

14 (جذب القلوب مترجم، ص6)

15 (جذب القلوب مترجم، ص8)

16 (بخاری،621/1، حديث:1890)

17 (بخاری،616/1،حديث:1870)

۽ عمارتن جا قبا ۽ مزارون شريف آهن، [18]

(12) خير ۽ خيره: هي شهر دنيا ۽ آخرت جي ڀلائين جو جامع آهي ۽ حديث شريف ۾ فرمايو ويو: اَلْمَدِيْنَةُ خَيْرٌ لَّهُمْ لَوْ كَانُوا يَعْلَمُوْنَ يعني مدينو انهن جي لاءِ خير ۽ بهتر آهي جيڪڏهن اهي ڄاڻين ها.[19] ان کان علاوه به مديني شريف جا ڪوڙ سارا نالا آهن، جيئن اكالة القرىٰ، البارة، البحره، البلاط، الجابره، دارالابرار، دارالسنة، دارالسلام، ذات الحجر، ذات النخل، سيد البلدان، الشافيه، طائب، المطيبه، ظِباب، العاصمه، العذراء، الغراء، غلبه، الفاضحه، القاصمه، قبة الاسلام، قرية الانصار، قلب الايمان، المؤمنه، المباركه، مبين الحلال والحرام، المحرمه، المحفوظه، المدينه، المختاره، المرزوقه، المقدسه، الناجيه وغيره. انهن مان هر نالي جي ڪانءِ ڪا پياري ۽ خوبصورت معنيٰ ۽ مطلب آهي، تفصيل جي لاءِ شيخ امام المحدثين عبدالحق محدث دهلوي جي ڪتاب"جذب القلوب" ۽ اهل سنت جي عظيم مصنف فيض ملت مفتي فيض احمد اويسي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡہ جو ترجمو ڪيل ڪتاب "محبوب مدينو" جو مطالعو ڪيو.

---

[18](جذب القلوب مترجم، ص9)

[19](بخارى، 618/1، حديث: 1875)

ارسلان حسن
(درجہ ثالث جامعۃ المدينہ فيضانِ فاروق اعظم لاهور)



# مڪي جي حرم جا 5 حق

**(1) مڪي جي حرم جون حدون ۽ ان جي تعظيم:** مڪي شريف جي آسپاس ڪيئي ميل تائين حرم جو جهنگل آهي، هر پاسي ان جون حدون ٻڌيل آهن، انهن حدن جي اندر گاهه پٽڻ، اُتي وحشي جانور کي تڪليف ڏيڻ حرام آهي.[1]

**(2) مڪي جي حرم ۾ هٿيار کڻڻ:** رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان مان ڪنهن کي هي حلال ناهي ته مڪي پاڪ ۾ هٿيار کڻي قري.[2]

**(3) مڪي جي حرم جي تعظيم ڪرڻ:** نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: منهنجي اُمّت جا ماڻهو(تيستائين) هميشه ڀلائي تي هوندا جيستائين اهي مڪي جي تعظيم جو حق ادا ڪندا رهندا ۽ جڏهن هُو ان حق کي ضايع ڪري ڇڏيندا ته هلاڪ ٿي ويندا.[3]

**(4) مڪي جي حرم جي عزت ۽ حرمت جي حفاظت:** ﴿ وَ مَنۡ یُّعَظِّمۡ حُرُمٰتِ اللّٰہِ فَہُوَ خَیۡرٌ لَّہٗ عِنۡدَ رَبِّہٖ ﴾ ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪو الله جي حرمت واري شين جي تعظيم ڪري ته اهو ان جي لاءِ سندس رب وٽ ڀلو آهي.[4]

الله پاڪ جي حرمت وارين شين جي باري ۾ مفسرن جو هڪ قول اهو به آهي ته انهن مان اهي مقام مراد آهن جتي حج جا رڪن ادا ڪيا ويندا آهن جيئن بيتِ حرام، مَشۡعَرِ حرام، بلدِ حرام ۽ مسجد حرام وغيره ۽ انهن جي تعظيم جو مطلب اهو آهي ته انهن جي حقن ۽ انهن جي عزت ۽ حرمت جي حفاظت ڪئي وڃي.[5]

**(5) وڻ ڪٽڻ:** مڪي جي حرم شريف ۾ وڻ ڪٽڻ ممنوع آهي. جيئن ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اتان جا وڻ نه ڪٽيا وڃن.[6]

**الله پاڪ** اسان کي هن مقدس سر زمين جي هر هر حاضري نصيب فرمائي ۽ هن مبارڪ مقام جو اَدب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

1 (ديکهئي:بهار شريعت، 1085/2)
2 (مراۃ المناجيح،202/4)
3 (ابن ماجه، 519/3، حديث: 3110)
4 (پ17، الحج: 30)
5 (ديکهئي: صراط الجنان، 434/6)
6 (مراۃ المناجيح،201/4)



## نيڪ رشتو ملڻ جي لاءِ

جن ڇوڪرين جي شادي نہ ٿيندي هجي يا مڱڻي ٿي ڪري ٽٽي ويندي هجي اها فجر جي نماز کان بعد

يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

312 ڀيرا پڙهي ڪري پنهنجي لاءِ نيڪ رشتو ملڻ جي دعا ڪري، اِنْ شَآءَاللّٰه جلدي شادي ٿيندي ۽ مڙس بہ نيڪ ملندو.

(نوٽ: وظيفي جي شروع ۽ آخر ۾ ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهڻو آهي)

## نيڪ رشتو ملڻ جو عمل

جن ڇوڪرين جي شادي نہ ٿيندي هجي

ان جي لاءِ سُورۃ مُمْتَحِنَه پنج ڀيرا پڙهي وجي اِنْ شَآءَاللّٰه ان جو نڪاح ڪنهن نيڪ مرد سان ٿي ويندو.

(نوٽ: وظيفي جي شروع ۽ آخر ۾ ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهڻو آهي)

## شيطاني وسوسن کان بچڻ جو عمل

يَامُقْسِطُ

شيطاني وسوسن کان بچڻ جي لاءِ 100 ڀيرا پڙهڻ تمام مفيد آهي

(نوٽ: وظيفي جي شروع ۽ آخر ۾ ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهڻو آهي)

## دل روشن ڪرڻ جي لاءِ

يَافَتَّاحُ

7 ڀيرا جيڪو روزانو (ڪنهن بہ وقت ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو) پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه الڪريم ان جي دل روشن ٿيندي.

(نوٽ: وظيفي جي شروع ۽ آخر ۾ ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهڻو آهي)





# نقل ڪرڻ وارو عاشق بڻجي ويو

مولانا سيّد عمران اختر عطاري مدني

پيارا ٻارو! سيني کان آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا معجزا پڙهي ڪري اسان کي صرف ايماني قوت ۽ لطف ۽ راحت ئي نصيب ناهي ٿيندي بلڪ ان کان علاوه معجزن جي ضمن ۾ دين جون پياريون پياريون ڳالهيون به سکڻ جي لاءِ ملنديون آهن، اچو! اڄ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ آواز جي باري ۾ معجزو پڙهون ٿا:

حضرت براء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ کان روايت آهي ته هڪ ڀيرو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي خطبو ارشاد فرمايو ايستائين جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهرن ۾ موجود پرده نشين عورتن کي به پنهنجو آواز ٻڌايو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي رهيا هئا ته اي اهي انسانو جيڪي زبان سان ته ايمان قبول ڪري چڪا پر دل ۾ خلوصِ ايماني (ڪامل) ناهي، مسلمانن جي غيبت نه ڪندا ڪيو، انهن جي لڪيل عيبن جي پٺيان نه پئو، جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي لڪيل عيب کي ڳولهيندو الله پاڪ ان جي لڪيل حالت کي ظاهري فرمائي ڇڏيندو ۽ جنهن جي لڪيل حالت الله پاڪ ظاهر فرمائيندو ان کي سندس گهر جي اندر به رسوا ڪري ڇڏيندو.

(ديکھئے:دلائل النبوة لابی نعیم، 2 / 262)

پيارا ٻارو! هي اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معجزو هيو ته جڏهن سندن چاهيندا هئا ته ايترو پري تائين به پنهنجو آواز پهچائيندا هئا جيستائين ڪنهن ذريعي يا ٽيڪنالوجي جي بغير انساني آواز نٿو پهچي سگهي جيئن ته هڪ ڀيرو جمعي جي ڏينهن منبر تي ارشاد فرمايائون: اي انسانو! ويهي رهو. ته عبدالله بن رواحه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ ڪين آواز مبارڪ پنهنجي محلي بني غنم ۾ ٻڌي ورتو ۽ حڪم جي تعميل ۾ انهي وقت ويهي رهيا.

(ديکھئے:دلائل النبوة لابی نعیم، 2 / 263)

هتي ڪجھ ڳالهيون اسان کي سکڻ جي لاءِ ملن ٿيون:

- الله پاڪ پنهنجي محبوب کي زبردست اختيار عطا فرمايا آهن.
- پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي غيبت ڪرڻ ۽ ان جي عيبن کي ڳولهڻ چڱي ڳالھ ناهي، غيبت

ڪرڻ بہ حرام آهي ۽ مسلمان جي عزت خراب ڪرڻ بہ حرام آهي.

❁ نيڪ نيت ۽ خلوص سان مسلمانن جي ديني تربيت جاري رکڻ گهرجي.

❁ اصلاح جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ جنهن جي اصلاح ڪرڻي هجي ان کي سيني جي سامهون مخاطب ڪرڻ جي بجائي اجتماعي طور تي ايئن اصلاح ڪئي وڃي جو ٻين تي ان جي شخصيت ظاهر نہ ٿي.

❁ ڪنهن ڪم جي ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ ان جي فائدن ۽ ڪنهن ڪم کان رکڻ جي لاءِ ان جا نقصان سامهون واري کي ٻڌائڻ تمام مفيد هوندو آهي.



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مفتي فضيل رضا عطاري

## ڇا رجعي طلاق عدت کان بعد ٽن طلاقن ۾ تبديل ٿي ويندي آهي؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا طلاق جي متعلق هيٺ ڏنل مسئلن جي باري ۾:

(1) ڇا عورت کي هڪ طلاق ٿي وڃڻ کان بعد به ڪين عدت لازم ٿيندي آهي؟ جڏهن ته اولاد به موجود هجي ۽ طلاق واقع ٿيڻ کان ڪافي عرصو پهريان ئي عورت پنهنجي مڙس سان جهيڳڙو ڪري پاڻ ئي پنهنجي والدين جي گهر رهندي هجي. پڻ عورت هن صورت ۾ نفقي جي حقدار ٿيندي يا نه؟

(2) جيڪڏهن عورت کي هڪ طلاق رجعي ڏني وڃي ۽ مڙس قولي يا فعلي رجوع نه ڪري ۽ طلاق جي عدت گذري وڃي، ته ڇا عدت گذري وڃڻ سان هڪ طلاق ٽن طلاقن ۾ تبديل ٿي ويندي آهي يا هڪ ئي شمار ڪئي ويندي آئي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

(1) جيڪڏهن مڙس پنهنجي مدخوله گهرواري کي هڪ طلاق ڏي ته ان هڪ طلاق کان بعد به عورت تي عدت لازم ٿيندي آهي، ڇوته نڪاح زائل ٿيڻ يا شبهه نڪاح کان بعد عورت جو نڪاح کان ممنوع ٿيڻ ۽ هڪ زماني تائين انتظار ڪرڻ عدت چورائيندي آهي. ۽ هي ڳالهه هڪ طلاق جي صورت ۾ به پاتي ويندي آهي. ۽ نفقي جي متعلق حڪم هي آهي ته جيڪڏهن مطلقه عورت عدت جي دوران مڙس جي اجازت جي بغير پنهنجي والدين جي گهر رهندي هجي ۽ مڙس جي گهر شرعي حَدن سان عدت گذارڻ جي لاءِ راضي نه هجي ته اهڙي عورت شرعي طور تي ناشزه (نافرمان) آهي. مڙس تي اهڙي عورت جي عدت جو نفقو واجب نه آهي. البت جيڪڏهن اها واپس مڙس جي گهر ۾ اچي ڪري عدت پوري ڪرڻ لڳي ته مڙس تي بقيه عدت جو نفقو ڏيڻ واجب ٿي ويندو.

ياد رهي ته جيڪڏهن مطلقه عورت مڙس وٽ عدت گذارڻ چاهي ٿي پر مڙس پاڻ ئي پنهنجي گهرواريءَ کي عدت گذارڻ نه ڏئي رهيو آهي ته هن صورت ۾ مڙس تي

عورت جي عدت جو نفقو ڏيڻ واجب آهي، جيڪڏهن نہ ڏيندو تہ گناهگار ٿيندو.

(2) هڪ رجعي طلاق واقع ٿي وڃڻ کان بعد جيڪڏهن عدت جي دوران مڙس قولي يا فعلي رجوع نہ ڪري تہ عدت گذرڻ کان بعد اها رجعي طلاق بائنہ ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ عورت مڙس جي نڪاح مان نڪري ويندي، البت اها طلاق هڪ ئي شمار ڪئي ويندي، ٽن طلاقن ۾ تبديل نہ ٿيندي. تنهنڪري جيڪڏهن مڙس انهيءَ ساڳيءَ عورت سان ان جي رضامندي سان نئين حق مهر سان تجديدِ نڪاح ڪري ٿو تہ هاڻي مڙس کي صرف ٻن طلاقن جو حق باقي رهندو.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## ڏه هزار ڀيرا يا رحمٰن پڙهڻ جي باسَ باسڻ؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري تہ منهنجو پٽ بيمار هو، تہ مون باسَ باسي جيڪڏهن هي تندرست ٿي ويو تہ ڏه هزار ڀيرا ”يا رَحمٰن“ جو ورد ڪنديس، هاڻي الحمد للہ پٽ تندرست ٿي ويو آهي، تہ ان باس کي پورو ڪرڻ لازم آهي يا نہ؟

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِکِ الْوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

باس لازم ٿيڻ جي هڪ شرط هي بہ آهي تہ جنهن ڪم جي باس باسي ان جي جنس مان ڪو فرض يا واجب هجي، جڏهن تہ ”يارحمٰن“ جو ورد اهڙو ڪم آهي جنهن جي جنس مان ڪوبہ فرض يا واجب موجود ناهي، تنهنڪري پڇي ويندڙ صورت ۾ توهان تي ڏه هزار ڀيرا ”يارَحمٰن“ پڙهڻ شرعي طور تي لازم ناهي، نہ پڙهنديون تہ ڪو گناهہ ناهي، پر پڙهنديون تہ بهتر آهي ڇو تہ اجر و ثواب جو ڪم آهي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
# نفلي روزا رکندا هئا

مسلمانن جي پياري امڙ حضرت حفصہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عشرهءِ ذِي الحج ۾ پابندي سان نفل روزا رکندا هئا.[1]

خيال رهي تہ! عشرهءِ ذِي الحج جي روزن جو مطلب آهي: ذوالحج جي شروعاتي 9 ڏينهن جا روزا آهن باقي 10 ذوالحج (يعني عيدُ الاضحيٰ) جو روزو رکڻ جائز نہ آهي.

ڪاش! اسان بہ نيڪين جا لالچي بڻجي وڃون اسان جا پيارا آقا، رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عشرهءِ ذوالحج جا روزا رکندا هئا، ڪاش! اسان بہ مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ادا کي ادا ڪرڻ جي لاءِ نفلي روزا رکون نمازون پڙهون عبادت ڪيون جو اها ئي ڪمائي قبر ۽ حشر ۾ ڪم اچڻي آهي، باقي سڀ ئي تہ هتي ڇڏي وڃڻو آهي، ان ڪري نيڪين جي لالچ وڌائڻ گهرجي، عشرهءِ ذوالحج جي هڪ نيڪي 700 ڀيرا وڌائي ويندي آهي، تنهنڪري ان موقعي جو فائدو کڻون ۽ خوب نيڪيون ڪيون. الله پاڪ اسان سڀني کي پنهنجي رضا وارن ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کچھ نیکیاں کما لے، جلد آخرت بنا لے کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زندگی کا[2]